# خاتونِ جنّت

## جو شان ۽ عظمت

17 May 2018

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# خاتون جنت جو شان ۽ عظمت

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت بہ صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد اللّٰه تعاليٰ جي رِضا هجي. ”فتاويٰ شامي“ ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري ۽ ڪجھ دير ذِڪرُاللّٰه ڪري پوءِ جيڪو چاهي **(يعني هاڻي چاهي تہ کائي پي يا سمهي سگهي ٿو)**

## دُرُود شريف جي فضيلت

حضورِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو اللّٰه ڪريم ان تي ڏھ رحمتون نازل فرمائيندو آهي ۽ جنهن مون تي ڏھ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو اللّٰه ڪريم ان تي سؤ رحمتون نازل فرمائيندو آهي ۽ جنهن مون تي سؤ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو اللّٰه ڪريم ان جي ٻنهي اکين جي وچ ۾ لکي ڇڏيندو آهي تہ هي نفاق ۽ جهنم جي باھ کان آزاد آهي ۽ ان کي قيامت جي ڏينهن شهيدن سان گڏ رکندو. (مُعْجَم اَوسَط،۵/۲۵۲،حديث:۲۷۳۵)

وہ دہن جس کی ہر بات وحیِ خُدا چشمۂ علم و حکمت پہ لاکھوں سلام

شعر جي وضاحت: جنهن منهن کان نڪرڻ واري هر ڳالهه وحي جو درجو رکي ٿي، علم ۽ حڪمت جي ان چشمہ فيض تي لکين سلام هجن.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٖ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.

(المعجم الڪبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻہ مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجهه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُاللهَ , تُوبُوا اِلَي اللهِ! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! رمضان المبارڪ جي ٽي (3) تاريخ تي اسان جي پياري ڪريم آقا صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي پياري شهزادي سَيِّدَتُنا فَاطمة الزَهرا رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا جو وصالِ ظاهري ٿيو، انهيءَ مناسبت سان اڄ اسان حضرت سَيِّدَه خاتونِ جنت فاطمة الزهرا رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا جو مبارڪ تذڪرو ٻڌنداسين. سڀ کان پهريان سندن شان ۽ عظمت جي باري ۾ هڪ واقعو ٻڌون ٿا، جيئن

## فاطمة الزهرا رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا انساني حور

حضرتِ سَيِّدَتُنا خديجة الكبريٰ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا هڪ ڏينهن نبي ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي بارگاهه ۾ جنّتي ميوو ڏسڻ جي خواهش ڪئي ته حضرتِ سيدُنا جبرائيلِ امين عَلَیہ السَّلَام پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي خدمت ۾ جنت مان ٻه صوف ڪٽي حاضر ٿي ويا ۽ عرض ڪيو: اي محمد (صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ)! الله پاڪ فرمائي ٿو: هڪ صوف اوهان (صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ) کائو ۽ ٻيو خَدِيجَہ (رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا) کي کارايو پوءِ حقِ زوجيت ادا ڪريو، مان توهان ٻنهي مان فاطمة الزهرا کي پيدا ڪندس. پوءِ حضورِاڪرم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن حضرتِ سيدُنا جبريلِ امين عَلَیہ السَّلَام جي چوڻ جي مطابق عمل ڪيو. جڏهن غير مسلمن پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ کي چيو ته اسان کي چنڊ جا ٻه ٽڪر ڪري ڏيکاريو. انهن ڏينهن ۾ حضرتِ سيدَتُنا فاطمة الزهره رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا پنهنجي والده محترمه حضرتِ سيدَتُنا خديجة الڪبريٰ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا جي شڪمِ اطهر ۾ هيون. حضرتِ سيدَتُنا خديجة الڪبريٰ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا فرمايو: ان جي ڪيتري رُسوائي آهي جنهن اسان جي آقا محمد صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ کي نه مڃيو، جڏهن ته رسول اڪرم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ سڀ کان بهتر رسول ۽ نبي آهن. ته حضرت سيدَتُنا فاطمة الزهرا رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا بطنِ اطهر مان آواز ڏنو: اي امان سائڻ! اوهان غمزده نه ٿيو ۽ نه ئي ڊڄو، بيشڪ الله پاڪ منهنجي والدِمحترم سان گڏ آهي. جڏهن حضرتِ سيدَتُنا فاطمة الزهره رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا جي ولادت ٿي ته سڄي فضا سندن چهري جي نور سان منور ٿي وئي.

نور جي پيڪر، تمام نبين جي سَروَر صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ کي جڏهن جنت ۽ ان جي نعمتن جي سڪ لڳندي هئي ته حضرتِ سيدَتُنا فاطمه رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا کي چمي ڏيندا هئا ۽ سندن پاڪيزه خوشبو کي سونگهيندا ها ۽ جڏهن سندن پاڪيزه مهڪ سُونگهيندا ها ته فرمائيندا ها: فَاطِمَة حَوْرَاءُ اِنسِية يعني فاطمه ته انساني حُور آهي. (الروض الفائق في المواعظ و الرقائق، ص۲۷۴ملخصاً)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٻڌو اوهان تہ الله ڪريم حضرت سَيدَتُنا فاطمة الزّهرا ڪي ڪيڏي شان ۽ عظمت سان نوازيو هو ۽ پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا پنهنجي والده محترمہ جي بَطنِ اَقدس مان ئي پنهنجي والد سڳوري ۽ اسان جي پياري آقا صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي صادق ۽ امين هئڻ جي گواهي ڏني هئي، بيشڪ اها بہ سندن ڪرامتن مان هڪ ڪرامت هئي. اچو! هاڻ سندن مختصر تعارف ٻڌون ٿا.

## سيِّدَه فَاطِمہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا جو مختصر تعارُف

سندن جو نالو ”فاطِمہ“ لقب ”زَهرا“ ۽ ”بَتُول“ آهي. سندن ننڍپڻ شريف ۽ زندگي جو هر لمحو نهايت ئي پاڪيزه هو، ڇاڪاڻ تہ پاڻ حضور نبي ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ۽ اُمُّ المومنين حضرت خديجة الڪبري رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا جي رحمت ڀري آغوش ۾ تربيت حاصل ڪئي هئي، پاڻ ڏينهن رات پنهنجي والدين جي پاڪيزه زبان مان پاڪيزه قول ٻڌندي هئي، پاڻ نهايت عبادت گذار، متقي ۽ پاڪيزه خاتون هيون، ان ڪري سندنرَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا ڪي عابده، زاهده ۽ طاهره سڏيو ويندو آهي. (سفينه نوح، ص١٥،١٤ ملخصا)

خاتون جنت اخلاق عادتن، گفتار ۽ ڪردار ۾ نبي ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ سان گهڻي مشابهت رکنديون هيون. (ترمذي ،۴۶۶/۵، حديث:۳۸۹۸ملخصا) نبي ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي وصالِ ظاهري کان تقريبا 5 يا 6 مهينن کان پوءِ 3 رمضانُ المبارڪ 11 هجري ۾ سندن وصال ٿيو. (سفينۂ نوح، حصّہ دُوُم، ص۵۴ملخصاً)

سيِّده زاهِره طِيّبہ طاہِرہ جانِ احمد کی راحت پہ لاکھوں سلام

مختصر وضاحت: يعني خاتونِ جنت حضرت سَيِّدَتُنا فاطمة الزهرهرَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا جنتي عورتن جون سردار،خوبصورت ڪلي، پاڪيزه،طهارت جي پيڪرءِ نبي ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي راحت آهن، سندن تي لکين سلام نازل هجن .

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مِٺا مِٺا اسلامي ڀائرو! نبي ڪريم، رؤفٌ رَّحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي صاحِبزادي، خاتونِ جنّت حضرتِ سيدَتُنا فاطمة الزهره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا تي اسان جي دل ۽ جان قربان! سندن رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا ڪي اُمَّتِ مُسلِمہ جو بيحد درد هو، پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ڏُکايل اُمَّت جي لاءِ بعض اَوقات سڄي سڄي رات دعائون گهرنديون هيون، پنهنجي سهولت ۽ آسائش جي لاءِ ربِّ ڪائنات جي بارگاهہ ۾ ڪڏهن التجائون نہ ڪنديون هيون، بلڪ پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا سڄو ڏينهن گهر جو ڪم ڪار ڪنديون هيون ۽ جڏهن رات ٿيندي هئي تہ عِبادتِ الٰهي جي لاءِ بيهي رهنديون هيون.

## عِبادت اهڙي هئڻ گهرجي!

حضرت سيدُنا امامِ حَسَن مجتبٰي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا تہ مون پنهنجي والِده ماجِده حضرتِ سيده فاطِمة الزهره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا کي ڏٺو تہ رات جو مسجِدِ بَيت جي مِحراب (يعني گهر ۾ نماز پڙهڻ جي مخصوص هنڌ) ۾ نماز پڙهنديون رهنديون هيون ايستائين جو فجر نماز جو وقت ٿي ويندو هو، مون سندن کي مسلمان مردن ۽ عورتن جي لاءِ تمام گهڻيون دعائون ڪندي ٻڌو، پاڻ پنهنجي ذات جي لاءِ ڪا دُعا نہ گهرنديون هيون، مون عرض ڪيو: پياري امان سائڻ (رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا)! ڇا سبب آهي جو اوهان پنهنجي لاءِ ڪا دُعا نٿيون گهرو؟ فرمايائون: پهريان پاڙو آهي پوءِ گهر. (مَدَارِجُ النُّبُوَّت ، ج۲، قسم پنجم، باب اوّل در ذکر اولاد کرام، ص۴۶۱)

عطا کر عافیت تو نزع و قبر وحشر میں یارب وسیلہ فاطمہ زہرا کا کر لطف و کرم مولیٰ

مِٺا مِٺا اسلامي ڀائرو! خبر پئي تہ خاتونِ جنّت، سيدَہ فاطِمہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جي مبارڪ عادت هي هئي تہ پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا اُمَّت جي غمخواري جي لاءِ هر وقت عبادتِ الٰهي ڏانهن مُتوجّہ رهنديون هيون، راتين جو بيدار ٿي مُناجات (دُعا) ۾ مصروف رهنديون هيون، اهو ئي نہ بلڪ الله پاڪ جي عبادت ۽ ان جي ذڪر اَذڪار سان ايتري قدر مَحَبَّت هئي جو پنهنجي گهريلو ڪم ڪار ڪرڻ سان گڏوگڏ يادِ الٰهي کان ڪڏهن غافل نہ ٿيون، اچو! هاڻي سيده خاتونِ جنّت رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جي تلاوت جي ذوق ۽ عبادت جي شوق جي متعلق ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪيون ٿا، جيئن

## ڪاڏو پچائڻ وقت بہ تلاوت

اميرُالمؤمنين حضرتِ سيدُنا علي المرتضيٰ كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰی وَجْهَهُ الْكَرِيْم فرمائن ٿا تہ سيدَہ خاتونِ جنت رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا ڪاڏو پچائڻ (Cooking) جي حالت ۾ بہ قرآنِ پاڪ جي تلاوت جاري رکنديون هيون. (سفينۂ نوح، حصّہ دُوُم، ص٣٥)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! خاتونِ جنّت سيِّدَہ فَاطِمہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا کي تلاوت جو ڪيتري قدَر ذُوق ۽ شوق هو جو گهريلو مصروفِيت جي دوران بہ زبان ڪان قرآنِ ڪريم جي تلاوت جاري رکنديون هيون، جيڪڏهن اسان پنهنجي مُعاشري ۾ نظر وجهون تہ ڪيئي نادان مصروفِيت جي دوران ڪنن ۾ هينڊ فري ( Hand free) لڳائي وڏي توجه سان ڳانو ٻڌندي پنهنجن ڪمن ۾ مگن رهندا آهن ۽ گڏوگڏ پنهنجي زبان سان بہ جهونگاريندا رهندا آهن، اهڙي طرح ڪيئي نادان خواتين گهر جي ڪم ڪار دوران ڳانا ٻڌنديون آهن، فلمون ڊراما ڏسنديون آهن، جڻ تہ گانن باجن جي بغير انهن جا ڪم ٿين ئي نٿا. اجوڪي دور ۾ تہ ڳائڻ وڄائڻ جي بري عادت ايتري قدر وڏي چڪي آهي جو ڪو گاڏي هلائي رهيو هجي يا بائيڪ تي ڪٿي وڃي رهيو هجي پنهنجي موبائل يا ٽيپ ريڪاڊ تي ڳانو لڳل هوندو آهي. اي ڪاش! اسان کي بہ پنهنجي ڏينهن رات عبادت ۾ گذارڻ جي سعادت نصيب ٿئي. اي ڪاش! اسان جي ڪا گهڙي فضول ڪمن ۾ نہ گذري. اي ڪاش! اسان جي هر گهڙي ذِڪرودُرُود سبب رحمت ڀري گذري. اي ڪاش! ڳانا باجا ٻڌڻ ۽ جهونگارڻ (Singing) جي اسان جي اها بري عادت (Bad Habit) نڪري وڃي ۽ اسان گهرو ڪمن ۾ مشغول هجون يا سفر ۾ هجون هر وقت اسان جي چپن تي ذڪر و دُرُود ۽ نعت ِرسول جاري رهي.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! عبادت جو جذبو وڌائڻ جي لاءِ سيده خاتونِ جنّت رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا جي عبادت جي شوق تي وڏيڪ هڪ واقعو ملاحظ ڪريو،

## شادي جي پهرين رات بہ عبادت

حضرت سَيدَتُنا فاطمةُ الزَّهره جي رُخصتي ڪان بعد حضرت علي المرتضيٰ

رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ ۽ پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهَا بنهي پنهنجي بستر کي ڇڏي ڏنو ۽ الله پاڪ جي عبادت ۾ مصروف ٿي ويا، رات قيام ۾ ته ڏينهن روزي جي حالت ۾ گذري رهيا هئا ايستائين جو 3 ڏينهن اهڙي طرح گذري ويا. چوٿين ڏينهن حضرتِ سَيدُنا جبريلِ امين عَلَيه السَّلَام پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خدمتِ بابرڪت ۾ حاضر ٿيا ۽ عرض ڪيائون: الله ڪريم اوهان عَلَيه السَّلَام کي سلام موڪليو آهي ۽ ارشاد فرمايو آهي: هنن ٻنهي 3 ڏينهن کان ننڊ ۽ بستر کي ترڪ ڪري رکيو آهي ۽ عبادت روزن ۾ مصروف آهن، توهان انهن وٽ وڃو ۽ انهن کي ارشاد فرمايو ته الله پاڪ توهان جي سبب ملائڪن تي فخر فرمائي رهيو آهي ۽ توهان ٻئي بروزِ قيامت گنهگارن جي شفاعت ڪندؤ. (اَلرَّوْضُ الْفَائِق، ص۲۷۸،ملتقطاً ملخصاً)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان کي انهن نيڪ هستين جي سيرت تي هلندي خوب خوب عبادت ڪرڻ گهرجي. رمضانُ المبارڪ جا روزا ته اسان تي فرض ٿئي آهن، بِلاعذرِ شرعي هڪ روزو به ڇڏڻ گناهه آهي. جيڪڏهن ممڪن هجي ته رمضان المبارڪ کان بعد نفل روزن جي به عادت بڻائڻ گهرجي ڇوته هن جون به گهڻيون فضيلتون آهن. اچو! هن باري ۾ 2 روايتون ٻڌو.

1. جنهن ثواب جي اُمّيد رکندي هڪ نفل روزو رکيو الله پاڪ ان کي دوزخ کان 40 سالن (جو مفاصِلو) پري ڪندو. (ڪنزُالْعُمّال ج۸ص۲۵۵حديث۲۴۱۴۸)

2. جنهن رِضاءِ الٰهي جي لاءِ هڪ ڏينهن جو نَفل روزو رکيو ته الله پاڪ ان جي ۽ دوزخ جي وچ ۾ هڪ تيز رفتار سُوار جي پنجاهه سالن جي مسافت جو فاصِلو ڪندو." (ڪنزالعُمّال ج۸ص۲۵۵حديث۲۴۱۴۹)

سيده خاتونِ جنّت جي ذوقِ تلاوت ۽ سندن عبادت جي شوق ۾ خاص ڪري اسان جي گهر جي اسلامي ڀينرن جي لاءِ به هڪ پيغام آهي ته گهر جي ڪم ڪار ڪرڻ سان گڏوگڏ الله پاڪ جي عبادت جو ذوق ۽ شوق هئڻ گهرجي، علمِ دِين سکڻ جو جذبو هئڻ گهرجي، نيڪي جي دعوت کي عام

ڪرڻ جو جذبو هئڻ گهرجي. عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ اسلامي ڀينرن جي لاءِ ڪيئي اهڙا موقعا آهن جتي انهن کي علمِ دِين حاصل ڪرڻ مُيسّر ٿيندو آهي، اسان پنهنجي گهر جي اسلامي ڀينرن کي اسلامي ڀينرن جي هفتيواراجتماع ۾ شرڪت ڪرايون، تعليمِ قرآن حاصل ڪرڻ لاءِ انهن کي مدرسة المدينہ بالغات ۾ پڙهڻ جو ذهن ڏيون، زهي نصيب! جامعة المدينہ للبنات ۾ داخلا جي سعادت ملي وڃي تہ پوءِ ڪهڙيون مدني بهارون هونديون، اسان جي گهر جون اسلامي ڀينرون جڏهن علمِ دين جي روشني سان مالا مال ٿينديون تہ پنهنجي اولاد جي مدني تربيت ڪري سگهنديون، پاڻ بہ نمازي ٿينديون، پنهنجي اولاد کي بہ نمازي بڻائينديون، پاڻ بہ قرآنِ ڪريم پڙهنديون،پنهنجي اولاد کي بہ قرآنِ ڪريم پڙهڻ سيکارينديون- سيده خاتونِ جنّت جي صدقي اللّٰہ پاڪ اسان جي اسلامي ڀينرن کي بہ عبادت جو شوق ۽ تلاوت جو ذوق نصيب فرمائي-

عبادت میں گزرے مِری زِندگانی    کرم ہو کرم یا خدا یا اِلٰہی

(وسائلِ بخشش، ص۱۰۵)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!    صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حضرتِ سيدَہ فاطمة الزهره رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَا جي شان ۽ عظمت جو هڪ پهلو هي بہ آهي تہ سندن رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَا کي حضور نبي رحمت صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان ۽ حضور صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي اوهان رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَا سان بي پناه محبّت هئي. اهو ئي سبب آهي جو صحابَہ ڪرام عَلَیهِمُ الرِّضْوَان، صحابياتِ طيبات ۽ خاص ڪري سيدَہ فاطمة الزهره رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَا سُنَّتِ رسول جي پابندي جو نمونو هيون، جيئن

## هم شڪلِ مصطفٰي ۽ اندازِ گفتگو

اُمُّ المؤمنين حضرتِ سيدَتُنا عائشہ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَا فرمائن ٿيون تہ مون رَسُولُ

اللهﷺ جي صاحبزادي حضرتِ سيدَه فاطمة الزهره رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہَا کان وڌيڪ ڪنهن کي عادات واَطوار، سيرت ۽ ڪردار ۽ اٿڻ ويهڻ ۾ رسول اڪرم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان مُشابَهت رکڻ وارو نہ ڏٺو. (اَبُودَاوُد، کتاب الادب ،باب ما جاء في القيام،۴/۴۵۴، حديث:۵۲۱۷، ملتقطاً) هڪ روايت ۾ اُمُّ المُؤمِنِين حضرتِ سيدَتُنا عائشہ صِدِّيقہ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہَا فرمائن ٿيون مون گفتگو جي انداز ۽ ويهڻ ۾ حضرتِ فاطمة الزهره رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہَا کان وڌيڪ ڪنهن کي رسول اڪرم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان مُشابَهت رکڻ وارو نہ ڏٺو. (اَلْادب المفرد، باب قيام الرجل لاخيه، ص۲۵۵، الحديث :۹۷۴)

حڪيمُ الاُمَّت مفتي احمديارخان نعيمي رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمائن ٿا:حضرت خاتونِ جنَّت، حضور صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بهترين ۽ واضح نمونو هيون، بلڪ تصوير صرف شڪل ڏيکاريندي آهي، پاڻ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہَا تہ سيرت ۽ خصلت(Nature) ۾ بہ حضور جو نمونو هيون . (مرأة لمناجيح ، ۶/۳۶۵)

رَسُوْلُ الله کی جیتی جاگتی تصویر کو دیکھا کیا نظارہ جن آنکھوں نے تفسیرِ نبوت کا

سُبْحٰنَ اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ چا شان آهي! خاتونِ جنت،سيده فاطمہ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہَا جو سندن اٿڻ ويهڻ، هلڻ ڦرڻ ايستائين جو اندازِگفتگو (Way of Talking) بہ پنهنجي والدِ محترم حضور نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي انداز مطابق هو. اي ڪاش! اسان پنهنجي زندگي خاتونِ جنَّت سيده فاطمةالزهره رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہَا جي سيرتِ طيبہ تي عمل ڪندي عبادتِ الٰهي ۾ گذارڻ وارا بڻجي وڃون، پنهنجي والدين جي اکين جي ٺڏاڻ بڻجي وڃون، هر هڪ سان حُسنِ سُلُوڪ، نرمي ۽ ڀلائي سان پيش اچون، ماڻهن جي تڪليف ۽ مُصيبت ۾ انهن جي ڪم اچڻ وارا بڻجي وڃون ۽ پنهنجي ظاهر کي سُنّتن جي سانچي ۾ ڍلڻ ۽ پنهنجي باطن کي حسد ، تڪبُّر، تهمت ۽ بد گمانين کان بچائڻ وارا بڻجي وڃون.

بد خصائل ٹلیں، سیدھے رستے چلیں کر دو آقا کرم، تاجدارِ حرم

منا منا اسلامي ڀائرو! خاتونِ جنت جي شان ۽ عظمت جو هڪ پهلو هي بہ

آهي تہ پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْھَا پنهنجي بابا جان، رحمتِ عالميان صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو ادب ۽ احترام ڪنديون هيون، حُسنِ سُلُوڪ سان پيش اينديون هيون، جڏهن ڏُکايل دِلين جي چين، ناناءِ حسنين صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي تشريف آوري ٿيندي هئي تہ پاڻ ڪريم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي تعظيم جي لاءِ بيهي رهنديون هيون. جيئن تہ

## آمدِ مُصطفيٰ تي استقبال ڪرڻ

أُمُّ المؤمنين حضرت سَيِدَتُناعائشہ صديقہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْھَا فرمائن ٿيون: جڏهن خاتُونِ جنَّت حضرت سَيدَتُنا فاطمة الزهره رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْھَا حُضُور عَلَيه السَّلَام جي خِدمَت ۾ حاضِر ٿينديون هيون. تہ رحمت عالم عَلَيه السَّلَام ان جي لاءِ بيهي رهندا هئا ۽ انهن جو هٿ پڪڙي ان ڪي چمي ڏيندا هئا پنهنجي جڳهہ تي انهن ڪي ويهاريندا هئا. اهڙي طرح جڏهن حُضُور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ حضرتِ فاطمہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْھَا وٽ تشريف کڻي ويندا هئا تہ پاڻ بہ بيهي رهنديون هيون ۽ هٿ مُبارڪ ڪي چمي ڏينديون هيون ۽ پنهنجي جڳهہ تي حُضُور ڪي ويهارينديون هيون.

(مشڪاة، ڪتاب الآداب ،باب المصافحة والمعانقة، ٢/١٧١، حديث: ۴۶۸۹)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! خبر پئي تہ پاڻ ڪيتري بهترين انداز ۾ پنهنجي والدِ محترم، حضور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو ادب ۽ احترام ڪنديون هيون، تڏهن تہ پاڻ سڳورا صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ بہ حضرت فاطمہ سان بي پناهہ محبت ڪندا هئا ايستائين جو هڪ موقعي تي سرڪار مدينہ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: فَاِنَّمَا ابْنَتِی بِضْعَة مِنِّی، يرِيبُنِی مَا رَابَهَا، و يؤذِينِی مَا اٰذَاٰهَا يعني بيشڪ منهنجي نياڻي فاطمہ منهنجي جگر جو ٽڪر آهي. جنهن ان ڪي بي چين ڪيو ان مون ڪي بي چين ڪيو ۽ جنهن ان ڪي تڪليف ڏني ان مون ڪي تڪليف پهچائي.

(مسلم،ڪتاب فضائل الصحابة،باب فضائل فاطمة، حديث:۶۳۰۷، ص١٠٢١)

اسان ڪي بہ گهرجي تہ اسان بہ پنهنجي والدين ڪي خوش رکون، انهن جو هر جائز حڪم مڃون، انهن جو ادب ۽ احترام ڪريون ۽ انهن سان تمام سٺي

سلوڪ سان پيش اچون. اهڙي طرح پنهنجي پٽن سان گڏوگڏ نياڻين سان بہ محبت پريو سلوڪ ڪريون، انهن جي جائز خواهشن ڪي پورو ڪريون ۽ انهن جي دلجوئي ڪندا رهون.

میری آنے والی نسلیں ترے عشق ہی میں مچلیں انہیں نیک تُو بنانا مدنی مدینے والے!

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## خاتونِ جنت ۽ غريبن جي غمخواري

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سيده خاتونِ جنت رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا جي شان ۽ عظمت جو هڪ پهلو هي بہ آهي تہ پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا هميشہ سادگي اختيار ڪنديون هيون، غريبن سان غمخواري ۽ ملنساري سان پيش اينديون هيون، پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا گهڻ ڪاڏو ڪائينديون هيون، جيڪو ملندو هو ان ڪي ڀين تي قربان ڪنديون هيون ۽ پاڻ فقر ۽ فاقي جي زندگي گذارينديون هيون، جنهن گهر ۾ رهنديون هيون اتي زيب ۽ زينت(Decoration) جو نالو نشان تائين نہ هو، قيمتي ۽ خوبصورت بستر تہ پري جي ڳالھ آهي اتي تہ ڪڏهن عام بستر بہ مشڪل سان ملندو هو، پر ان جي باوجود پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا پنهنجي دروازي تي اچڻ واري سوالي ڪي خالي هٿين نہ موٽايو ۽ اِيثار ۽ سخاوت جا اهڙا مثال قائم ڪيا جو جن بابت ٻڌي عقل دنگ رهجي ويندا آهن، جيئن

## فاطِمہ جو اِيثار ۽ سخاوت

حضرتِ سيدُنا عبدُالله اِبنِ عباس فرمائن ٿا: بني سُليم مان هڪ شخص بارگاهِ رسالتِ مآب ۾ اچي گستاخي ڪئي: تہ حضور نبي ڪريم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان ڪي ارشاد فرمايو: تون آخِرت جي عذاب کان ڊڄ، دوزخ کان خوف رک، خُدا وَحدَہ لاَشَرِيڪ جي عبادت ڪر ۽ مان الله ڪريم جو ٻانهو ۽ ان جو رسول آهيان، رسول اڪرم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي حُسنِ اَخلاق ۽ مؤثر ڪلام کان متاثر

تي هو غير مسلم انهيءَ وقت مسلمان تي ويو، پوءِ سرڪارصَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: تو وٽ ڪيترو مال آهي؟ ان عرض ڪيو:يارَسُولَ الله صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ!خدا جو قسم! بنوسُلَيم ۾ 4 هزار ماڻهو آهن، پر ان قبيلي ۾ مون کان وڌيڪ غريب ۽ مسڪين ڪو بہ ناهي. پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ صحابہ ڪرام عَلَیہِمُ الرِّضْوَان کي ارشاد فرمايائون: توهان مان ڪو اهڙو شخص آهي جيڪو هن کي هڪ اُٺ (Camel) خريد ڪري ڏي؟

حضرتِ سيدُنا سعد بن عباده رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ پنهنجي ڏاچي ان کي ڏئي ڇڏي. پوءِ ارشاد فرمايائون: ڪير آهي جيڪو هن جو مٿو ڍڪي؟ تہ اميرالمؤمنين موليٰ مشڪل ڪشا، حضرتِ سيدُنا علي المرتضي ڪَرَّمَ اللّٰہ تَعَالٰي وَجْهه الْکَرِيم پنهنجو عمامو ان کي ڏئي ڇڏيو. حضورصَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: ڪير آهي جيڪو هن جي لاءِ کاڌي جو اِنتِظام ڪري؟ حضرتِ سيدُنا سلمان فارسيرَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ اٿيا ۽ ڪجھ گھرن ڏانهن ويا پر ڪجھ نہ مليو. پوءِ نُورِ مصطفٰي حضرتِ سيدَتُنا فاطمة الزهره رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہَا جي گھر تي حاضر ٿي دروازو کڙڪايو. پاڻ پڇيائون ڪير آهي؟ عرض ڪيائون! سلمان آهيان. فرمايائون: ڪيئن اچڻ ٿيو ؟ پاڻ سڄو واقعو ٻڌايو. اهو ٻڌي پاڻ غمگين ٿي ويون ۽ فرمايائون: اي سلمان! خُدا جو قسم! جنهن منهنجي پيءُ کي رسول بڻائي موڪليو! اڄ ٽيون ڏينهن آهي، گھر ۾ سيئي فاقي سان آهن پر دروازي تي آيا آهيو، خالي ڪيئن موٽايان؟ هي چادر کڻي وڃو ۽ شمعون نالي غيرمسلم وٽ وڃي چئو: فاطمہ بنتِ محمد جي چادر رک ۽ ڪجھ جَو قرض ڏيو. حضرتِ سيدُنا سلمان فارسي رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ ان چادر کي کڻي ان وٽ ويا ۽ سمورو واقعو بيان ڪري ٻڌايو. شمعون ڪجھ دير ان مبارڪ چادر کي ڏسندو رهيو، ان وقت ان تي هڪ ڪيفيت طاري ٿي وئي ۽ چوڻ لڳو: اي سلمان! هي اهي ئي مقدَّس ماڻهو آهن جن جي خبر الله پاڪ پنهنجي نبي موسيٰعَلَيه السَّلَام کي توريت ۾ ڏني آهي، مان سچي دل سان حضرتِ سيدَتُنا فاطمہ جي پيءُ مُحمَدٌ رَّسُولُ الله تي ايمان آڻيان ٿو.

هي چئي ڪري ان ڪلمو پڙهيو ۽ مسلمان ٿي ويو ان ڪان پوءِ ان حضرتِ سيدُنا سلمانرَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کي جو ڏنا ۽ نهايت ادَب واِحتِرام سان چادر مبارَڪ موٽائي ڏني. خاتونِ جنّت شمعون کي دُعاءِ خير ڏني ۽ جَوَ پيهي ڪاڏو تيار ڪري حضرتِ سيدُناسلمان فارسيرَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کي ڏئي ڇڏيو. حضرت سيدُناسلمان فارسيرَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ عرض ڪيو: هن مان ڪجھ گھر لاءِ رکي ڇڏيو. فرمايائون: بس راهِ خدا ۾ ڏيڻ جي نيت سان گھرايو ۽ پچايو آهي، هاڻي هن مان وٺڻ دُرُست نہ آهي.

حضرتِ سيدُنا سلمان رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ ڪاڏو وٺي بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿي ويو ۽ سڄو قصّو بہ عرض ڪيائين. پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ اها ماني نومسلم (New Muslim) کي عطا ڪئي ۽ پنهنجي نورِنظَر حضرتِ سيدَتُنا فاطمہ وٽ تشريف فرما ٿيا تہ ڏٺائون بک سبب سندن چهرو پيلو ٿي رهيو آهي ۽ ڪمزوري (Weakness) جا آثار نمايان آهن. پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ پنهنجي نياڻي فاطمہ کي ويهاري تسلي ڏني ۽ دُعا فرمائي: اي اللّٰه! فاطمہ تنهنجي ٻانهيءِ آهي تون هن سان راضي رهجان. (سفينۂ نُوح،حصّہ دُوُم، ص۳۳ملخصاً)

بھوکے رہ کے خود اَوروں کو کھلا دیتے تھے　　کیسے صابِر تھے محمّد کے گھرانے والے!

اي عاشقانِ اهلِ بيت! ڏٺو اوهان! خاتونِ جنّت حضرتِ سيدَتُنا فاطمہرَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا جو ايثار ۽ سخاوت تہ پاڻ فاقي سان آهن، گھر ۾ کائڻ لاءِ ڪجھ ناهي پر سخاوت ۽ ايثار جو اهڙو زبردست جذبو جو غريب نئين مسلمان (New Muslim) جي حاجت پوري ڪرڻ خاطر قرض وٺڻ جي لاءِ پنهنجي مبارڪ چادر گِروي رکائي رهيون آهن ۽ جڏهن حضرتِ سيدُنا سلمان فارسيرَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ ڪاڏي مان ڪجھ گھر جي لاءِ رکڻ بابت عرض ڪيو تہ فرمائڻ لڳيون: مون اهو ڪاڏو راهِ خدا ۾ خيرات ڪرڻ جي نيت سان پچايو آهي.

سُبْحٰنَ اللّٰـہ عَزَّوَجَلَّ! هڪ پاسي خاتونِ جنترَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا جو پاڪيزه عمل ۽ ٻي پاسي اسان جي حالت جو اسان تہ پنهنجن ئي مسلمان ڀائرن کي ڦري رهيا آهيون،

جيڪڏهن ڪڏهن ڪو حاجت مند اچي ته پهريان ته چار ڳالهيون ٻڌائيندا آهيون ۽ جيڪڏهن ڪجهه ڏيون به ته بعد ۾ ماڻهن اڳيان ان کي ذليل ۽ رُسوا ڪندا آهيون، ان جي عزّت کي پامال ڪندا آهيون، طرح طرح جون ڳالهيون ڪندا آهيون. ياد رکو! جڏهن به ڪنهن سوالي يا حاجت مند کي ڪجهه ڏيڻ جو موقعو ملي ته اهڙيون ڳالهيون ڪرڻ کان بچڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي ته جنهن سان اڳيان واري جي دل آزاري يا ان جي ذِلّت ۽ رُسوائي ٿيندي هجي بلڪ الله ڪريم جو شڪر ادا ڪريون ته الله پاڪ ڪنهن غريب جي حاجت روائي جي توفيق عطا فرمائي، ڇاڪاڻ ته ٻانهو جڏهن ڪنهن جي حاجت پوري ڪندو آهي ته الله ڪريم ان کي بيشمار انعام عطا ڪندو آهي، اچو! مسلمانن جي حاجت روائي ڪرڻ جي فضيلتن تي مشتمل (3) فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ٻڌون ٿا. جيئن

## حاجت پوري ڪرڻ جون فضيلتون:

1. ارشاد فرمايائون: جيڪو منهنجي ڪنهن اُمّتي جي حاجت پوري ڪري ۽ ان جي نيت اها هجي ته ان ذريعي ان اُمّتي کي خوش ڪري ته ان مون کي خوش ڪيو ۽ جنهن مون کي خوش ڪيو ان الله پاڪ کي خوش ڪيو ۽ جنهن الله پاڪ کي خوش ڪيو ته الله ڪريم ان کي جنت ۾ داخل ڪندو. (شعب الايمان، الثالث والخمسون من شعب الايمان۔۔ الخ، ۶/۱۱۵،حديث: ۷۶۵۳)

2. ارشاد فرمايائون: ٻانهو جيستائين پنهنجي ڀاءُ جي حاجت پوري ڪرڻ ۾ لڳل رهندو آهي، الله پاڪ ان جي حاجت پوري ڪندو رهندو آهي.

(مجمع الزوائد، ڪتاب البر والصلة، باب فضل قضاء الحوائج ، ۸ / ۳۵۳،حديث: ۱۳۷۲۳)

3. ارشاد فرمايائون: جيڪو پنهنجي ڪنهن اسلامي ڀاءُ جي حاجت روائي جي لاءِ هلندو آهي، الله پاڪ ان جي پنهنجي جڳهه تي واپس موٽڻ تائين ان جي هر قدم تي ان جي لاءِ ستر (70) نيڪيون لکندو آهي ۽ ان جي 70 گناهن کي مٽائيندو آهي. پوءِ جيڪڏهن ان جي هٿان اها حاجت پوري ٿي

وئي تہ اهو پنهنجن گناهن مان ائين نڪري ويندو آهي، جيئن ان ڏينهن هو، جنهن ڏينهن ان جي ماءُ ان کي ڄڻيو هو ۽ جيڪڏهن ان دوران ان جو انتقال ٿي ويو تہ هو بغير حساب جنت ۾ داخل ٿيندو.
(التر غيب والترهيب،كتاب البر والصلة،باب الترغيب في قضاء حوائج المسلمين۔۔۔الخ،٣ /٣١٧، حديث:٤٠٢٢)

تو بے حساب بخش کہ ہیں بے حساب  دیتا ہوں واسطہ تجھے شاہِ حجاز کا
جُرم

## دعوتِ اسلامي جو ساٿ ڏيو!

منا منا اسلامي ڀائرو! اسان کي بہ گهرجي تہ غريب ۽ مستحق ماڻهن جي مدد ڪرڻ سان گڏوگڏ جيتري قدر ٿي سگهي مدني عطيات جي ذريعي پنهنجي دعوتِ اسلامي سان بہ تعاون ڪريون ڇوتہ دعوتِ اسلامي خدمتِ دِين جي تقريباً 104 کان وڌيڪ شعبن کي هلائڻ جي لاءِ ڪروڙين نہ بلڪ اربين روپين جا اَخراجات هوندا آهن، جيڪي مُخَير حضرات جي تَعاوُن سان ئي پُورا ٿيندا آهن. ياد رکو! دعوتِ اسلامي، دِينِ اسلام جي پيغام کي عام ڪرڻ واري مدني تحريڪ آهي. ان سان جاني ومالي، ڪنهن بہ قسم جو تَعاوُن ڪرڻ، حقيقتاً دِينِ اسلام ئي جي مدد ڪرڻ آهي ۽ جيڪو دينِ اسلام جي مدد ڪندو آهي، ان جي باري ۾ **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائي ٿو :

وَلَيَنۡصُرَنَّ اللّٰهُ مَنۡ يَّنۡصُرُهٗ
(پ١٧،حج:٤٠)

ترجموڪنزالايمان: ۽ بيشڪ الله ضرُور مدد فرمائِيندو اُن جي جيڪو اُن جي دِين ڄي مدد ڪندو

منا منا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جو ارشادِ پاڪ آهي تہ جيڪو ان جي دين جي مدد ڪندو، خُود باري تعاليٰ ان جي مدد فرمائيندو، حڪيمُ الأُمَّت حضرت مُفْتي احمديارخان رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيۡه ارشاد فرمائن ٿا: اَوْلِياءُ الله جي مددڪرڻ، نبي جي خدمت، عِلمِ دِين ڦهلائڻ، سڀ **اللّٰه** جي دِين جي مدد آهي. (نو رالعرفان ص٥٣٧) اَلْحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي عِلمِ دِين ڦهلائڻ، گُناهن کان بچائڻ ۽

سُنّتن جو عامل بڻائڻ ۽ سچو عاشقِ رسول بڻائڻ واري تحريڪ آهي، ان ڪري هن جي مدد ڪرڻ به دِين جي مدد ڪرڻ ئي چيو ويندو. اسلام جي سر بلندي لاءِ صحابہ ڪرام جو پنهنجو مال قُربان ڪرڻ جو جذبو صد ڪروڙ مرحبا! ياد رکو! مَوجُوده دَور ۾ دِيني ڪمن جي لاءِ چندو (مدني عَطيات) جمع ڪرڻ گهڻو ضروري آهي.پياري آقا، ٻنهي عالَم جي داتا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ غيب نشان آهي: ”آخري زماني ۾ دِين جو ڪم به دِرهم ۽ دِينار سان ٿيندو.“
(المعجم الكبير، ۲۰/۲۷۹،حديث:۶۶۰،ملخصاً)

اڄوڪي زماني ۾ جيڪي حالتون آهن، اهي ڪنهن کان لڪيل نہ آهن جيئن تہ دعوتِ اسلامي هڪ عالمگيرغير سياسي تحريڪ آهي، ان ڪري ان اَخراجات کي پُورو ڪرڻ جي لاءِ هڪ وڏي رقم دَرڪار هوندي آهي. ائين تہ عام طور سمورو ئي سال دعوتِ اسلامي جي مدني ڪمن جي لاءِ مدني عَطيات جمع ڪرڻ جو سلسلو رهندو آهي، پر خاص ڪري **رَجَبُ المُرجَّب**، **شَعْبانُ الْمُعَظَّم** ۽ **رَمَضانُ الْمُبارَڪ** ۾ ماڻهو بڪثرت صَدَقات ۽ عَطيات جي اَدائيگي جي طرف مائل هوندا آهن، ان ڪري انهن مهينن ۾ مدني عَطيات گڏ ڪرڻ جو بهترين موقعو هوندو آهي، اسان کي بہ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ڪمن جي تَرقّي جي لاءِ پنهنجي گهر، رشتيدارن ۽ پاڙي وارن کي صدقي جا فضائل ٻڌائي خُوب خُوب مدني عطيات گڏ ڪرڻ گهرجن.

ڪيترا خوش نصيب آهن اهي ماڻهو جن جا مدني عطيات ڪنهن مسجد يا ڪنهن مدرسي ۾ استعمال ٿيندا آهن. اتي ”اللّٰه“ جو ذڪر ٿيندو آهي، پنج ئي وقت رب جا ٻانها سجدو ڪندا آهن، فرض علم سکڻ جو سلسلو ٿيندو آهي، اهو انهن جي لاءِ ڪيترو بهترين صدقہ جاريہ آهي.

الله ڪريم اسان کي پنهنجي راهہ ۾ دل کولي خرچ ڪرڻ، مسجدن ۽ مدرسن جي تعميرات ۾ حصو وٺڻ، دِيني ڪمن ۾ تعاون ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم ”مدني قافلو“

مِٺا مِٺا اسلامي ڀائرو! دعوت اسلامي جو ڪم وڌائڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني عطيات سان ڳڏوڳڏ ذيلي حلقي جي 12مدني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حِصّو وٺو. 12مدني ڪمن مان ماهوار هڪ مدني ڪم ”مدني قافلو“ بہ آهي. ❖ اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! مدني قافلو علمِ دِين حاصل ڪرڻ جو ذريعو آهن. مدني قافلو رحمتن جي نازل ٿيڻ جو سبب آهي، ❖ مدني قافلي جي برڪت سان فرض ۽ واجبات جي پابندي نصيب ٿيندي آهي، ❖ مدني قافلي جي برڪت سان سنّتن تي عمل جو موقعو ملندو آهي، ❖ مدني قافلي جي برڪت سان اشراق، چاشت، اوابين ۽ تهجد پڙهڻ جي سعادت ملندي آهي. ❖ مدني قافلي جي برڪت سان ماڻهن کي نيڪي جي دعوت ڏيڻ واري سنت تي عمل جو موقعو ملندو آهي.

عموماً دعوتِ اسلامي جا مدني قافلا مسجدن ۾ ترسندا آهن ۽ مسجد ۾ عبادت جي نيت سان ترسڻ وارن جي تہ ڇا ئي ڳالهہ آهي جو نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان خوش نصيب جي باري ۾ ٽي(3) ڳالهيون ارشاد فرمايون آهن: (1)ان مان فائدو حاصل ڪيو ويندو آهي (2) يا اهو حڪمت پريو ڪلام ڪندو آهي (3) يا رحمت جو منتظر هوندو آهي. (الترغيب والترهيب،كتاب الصلوة،باب الترغيب في لزوم المساجد...الخ،۱/۱۶۹،رقم:۵۰۳ ماخوذاً)

اچو! ترغيب لاءِ مدني قافلي جي هڪ مدني بهار ٻڌون ۽ مدني قافلي ۾ سفر جي نيت ڪيون ٿا. جيئن

## گناهن کان نجات ملي وئي

هڪ اسلامي ڀاءُ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ اچڻ کان پهريان گناهن ۾ڦاٿل هو ڇاڪاڻ تہ هو نمازون قضا ڪرڻ، والدين جي نافرماني ڪرڻ ۽ مختلف گناهن ۾ مصروف رهڻ انهن جي معمولات ۾ شامل هو، گناهن جي ڪارڻ ايتري قدر وڌي چڪي هئي جو ڪنهن جي سمجهائڻ جي باوجود بہ نہ مڃيندو

هو، هر هڪ جي ڳالھ هڪ ڪن مان ٻڌي ٻئي ڪن مان ڪڍي ڇڏيندو هو، ٻُرن ماڻهن سان گڏ اُٿڻ ويهڻ جي ڪري اُن جو اخلاق ۽ ڪردار گھڻو خراب ٿي چڪو هو، ان جي زندگي ۾ مدني بهار ڪجھ هن طرح آئي تہ هڪ ڏينهن دعوتِ اسلامي جي مشڪبار مدني ماحول سان وابستہ عاشقِ رسول اسلامي ڀاءُ سان ان جي ملاقات ٿي. ان هن جي گُناهن واري زندگي کي سنّتن سان پُربهار بڻائڻ جي لاءِ انفرادي ڪوشش ڪئي ۽ دعوتِ اسلامي جي عاشقانِ رسول سان گڏ مدني قافلي ۾ سفر ڪرڻ جي ترغيب ڏياري، اُن جي پُرخلوص ۽ محبت ڀري دعوت سبب هو انڪار نہ ڪري سگھيو ۽ مدَني قافلي جي لاءِ تيار ٿي ويو ۽ جلد ئي عاشقانِ رسول سان گڏ مدني قافلي جو مسافر بڻجي ويو،مدَني قافلي جي برڪت سان ان کي زندگي ۾پهرين ڀيرو پنج ئي نمازون پابندي سان پهرين صف ۾ پڙهڻ جي سعادت ملي، وڌيڪ سکڻ سيکارڻ جي مدَني حلقن ۾ طهارت، نماز ۽ ٻيا ضروري شرعي مسئلا سکڻ لاءِ مليا ۽ عاشقانِ رسول جي صحبت جي برڪت سان ان جي اخلاق ۽ ڪردار ۾ واضح تبديلي آئي، دل گناهن کان بيزار ۽ نيڪين جي ڏانهن مائل ٿي ويو، سنّتن تي عمل ڪرڻ جو ذهن بڻجي ويو، نمازن جي پابندي جو پڪو ارادو ڪيائين ۽ جلد ئي سبز عمامي شريف جو تاج سجائي ورتو.

لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو   سیکھنے سُنّتیں قافلے میں چلو
چاہو گر برکتیں قافلے میں چلو   پاؤ گے عظمتیں قافلے میں چلو چلو
ہوں گی حل مشکلیں قافلے میں چلو   ختم ہوں شامتیں قافلے میں چلو
الفتِ مصطفٰے اور خوفِ خدا   چاہئے گر تمہیں قافلے میں چلو
قرض ہوگا ادا آکے مانگو دعا   پاؤ گے برکتیں قافلے میں چلو
دُکھ کا دَرماں ملے آئیں گے دن بھلے   ختم ہوں گردشیں قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب!   صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ڪرامتِ خاتونِ جنت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حضرت سيدتنا فاطمة الزهره رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهَا جي شان ۽ عظمت جو هڪ پهلو هي به آهي ته الله پاڪ سندن کي ڪوڙ ڪرامتن سان نوازيو هو. ۽ اها حقيقت آهي جيڪو الله پاڪ ۽ ان جي پياري حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي راضي ڪرڻ ۾ پنهنجي زندگي گذاريندو آهي ته الله پاڪ به پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان ان کي طرح طرح جي نعمتن سان نوازيندو آهي.

اچو! خاتونِ جنت رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهَا جي هڪ نهايت ئي با ڪمال ڪرامت ٻڌون ٿا۽ جيئن

## عظيمُ الشّان دعوت

هڪ ڏينهن حضرتِ سيدُنا عثمانِ غنيرَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ حُضور نبي ڪريمصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي دعوت ڪئي. جڏهن ٻنهي جهانن جا ميزبان حضرتِ سيدُنا عثمان بن عفانرَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي گهر تي رونق افروز ٿيا ته حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي پويان هلندي قدم ڳڻڻ لڳا ۽ عرض ڪيائون: يارسولَ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تي قربان! منهنجي تمنا (Wish) آهي ته حُضور جي هڪ هڪ قدَم جي عِوَض ۾ اوهان جي تعظيم ۽ تڪريم جي لاءِ هڪ هڪ غلام آزاد ڪيان. پوءِ حضرتِ سيدُنا عثمانِ غنيرَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي گهر تائين جيتري قدَر حُضور جا قدَم اٿيا هئا حضرتِ سيدُنا عثمانِ غني ايتري ئي تعداد ۾ غلامن کي خريد ڪري آزاد ڪري ڇڏيو.

حضرتِ سيدُنا عليڪَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجۡهه الۡكَرِيۡم ان دعوت کان مُتاثر ٿي ڪري حضرتِ سيدَه فَاطِمهرَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهَا کي چيائين: اي فاطمه! اڄ منهنجي دِيني ڀاءُ حضرتِ سيدُنا عثمان رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ حُضورِاَڪرَمصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي نهايت ئي شاندار دعوت ڪئي آهي ۽ حُضورِ اَڪرَمصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي هرهر قدَم جي بدلي هڪ غلام آزاد ڪيو آهي، منهنجي به تمنا آهي ته ڪاش! اسان به حُضور اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اهڙي طرح شاندار دعوت ڪري سگهون ها. حضرتِ سيدَتُنا فاطمهرَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهَا پنهنجي سرتاج حضرتِ سيدُنا علي المرتضٰيڪَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجۡهه الۡكَرِيۡم جي هن

جذبي کان مُتَاثِر ٿي چيائون: تمام سٺو وجهه اوهان به حُضورصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي انهيءَ قسم جي دعوت ڏئي اچو! اسان جي گهر ۾ به انهيءَ قسم جو سمورو اِنتِظام ٿي ويندو، جيئن

حضرتِ سيدُناعليكَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم بارگاهِ رِسالت ۾ حاضِر ٿي دعوت ڏني ۽ شهنشاهِ دو عالَم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي صحابہ ڪرام جي هڪ وڏي جماعت ساڻ ڪري پنهنجي پياري نياڻي جي گهر تشريف فرما ٿي ويا. حضرتِ سيدَه خاتونِ جنّت اڪيلائي ۾ وڃي خداوندِ قُدُّوس جي بارگاهه ۾ سربسجود (سجدي ۾ مٿو رکي) ٿي هي دعا گهري: ياالله! تنهنجي ٻانهيءَ فاطمہ تنهنجي محبوب ۽ اَصحابِ محبوب جي دعوت ڪئي آهي، تنهنجي ٻانهيءَ جو صرف توتي ئي ڀروسو آهي، تنهنڪري اي منهنجا ربّ! تون اڄ منهنجي لڄ رک ۽ هن دعوت جي ڪاڌن جو تون عالَمِ غيب (يعني ٻيو جهان جيڪو لڪيل آهي) کان اِنتِظام ڪر. هي دُعا گهري حضرتِ سيدَتُنا بي بي فاطمہرَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا ديڳڙين (هنڊين) کي چُلهن تي چاڙهيو. الله ڪريم جو دَرياءِ ڪَرَم هڪ دم جوش ۾ اچي ويو ۽ (هڪدم) انهن ديڳڙين کي جنّت جي ڪاڌن کان ڀريو ويو. حضرتِ سيدَتُنا بي بي فاطمہرَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا انهن ديڳڙين مان ڪاڌو ڪڍڻ شروع ڪيو ۽ حُضورصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي صحابہ ڪرام سان گڏ کائڻ مان فارِغ ٿي ويا، پر خدا جو شان جو ديڳڙين مان ڪاڌو ٿورو به گهٽ نه ٿيو ۽ صحابہ ڪرام انهن ڪاڌن جي خوشبو ۽ لذّت سان حيران ٿي ويا. حُضورِ اَڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ صحابَہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان کي حيران ڏسي فرمايائون: ڇا توهان کي خبر آهي ته اهو ڪاڌو ڪٿان آيو آهي؟ صحابَہ ڪرام عرض ڪيو: نه يارَسُولَ اللهصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! پاڻ ارشاد فرمايائون: هي ڪاڌو الله پاڪ اسان جي لاءِ جنّت مان اماڻيو آهي. پوءِ حضرتِ سيدَتُنا فاطمہرَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا اڪيلائي ۾ وڃي سجدو ڪيو ۽ هي دُعا گهرڻ لڳيون: ياالله!حضرتِ عثمانرَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ تنهنجي محبوب جي هڪ هڪ قدَم جي عِوَض هڪ هڪ غلام آزاد ڪيو آهي، پر تنهنجي ٻانهيءَ فاطمہ کي ايتري اِستِطاعت نه آهي، اي خداوندِعالَم! جتي تو منهنجي خاطِر جنّت مان ڪاڌو موڪلي

منهنجي لڄ رکي آهي، اتي تون منهنجي خاطِر پنهنجي محبوب جي انهن قدَمن جي برابر جيترا قدَم ڪٽي منهنجي گهر تشريف فرما ٿيا آهن، پنهنجي محبوب جي اُمَّت جي گنهگار ٻانهن کي جهنّم مان آزاد فرمائي ڇڏ .

حضرتِ سيدَتُنا فاطمهرَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهَا جيئن ئي هن دعا مان فارِغ ٿيون هڪدم حضرتِ سيدُنا جبريل امين عَلَیهِ السَّلَام اها بِشارت کڻي بارگاه رِسالت ۾ حاضر ٿيا تہ يا رسولُ اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! حضرتِ فاطمه(رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهَا) جي دُعا بارگاهِ الٰهي ۾ مقبول ٿي وئي، اللّٰه کريم فرمايو آهي تہ اسان اوهان جي هر قدَم جي بدلي ۾ هڪ هڪ هزار 1000 گنهگارن کي جهنّم مان آزاد ڪيو آهي.

(جامِعُ الْمُعْجِزات،ص۲۵۷ملخصاً)

میرا نازُک بدن جہنم سے از طُفیلِ رضا بچا یا رَبّ
طالبِ مغفرت ہوں یا اللہ بخش حیدر کا واسطہ یا رَبّ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! قربان وڃجي! امير المؤمنين حضرت سَيدُنا عثمانِ غنيرَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ ۽ خاص ڪري علي المرتضيرَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ ۽ فاطمة الزهره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهَا جي اندازِ محبت تي جو انهن خوش نصيب حضرات رحمت عالم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي نرالي دعوت ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪئي. سيده فاطمه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهَا جي سيرت تي رشڪ اچي ٿو تہ سندن خواهش هئي تہ رحمت عالم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اسان جي گهر ۾ تشريف فرما ٿين ۽ اسان ۾ دعوت ڪريون، اهو ئي جذبو هو جو گهر ۾ ڪجھ نہ هئڻ جي باوجود ۾ حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي دعوت ڪئي ۽ پوءِ اللّٰه جي فضل و ڪرم سان سيده فاطمه جي ڪرامت ظاهر ٿي ۽ سندن دعا تي جنّتي ڪاڏا آيا ۽ حضور نبي ڪريمصَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اُمّت جي گناهگارن کي جهنم مان آزادي نصيب ٿي. تنهنڪري اسان کي ۾ گهرجي تہ رِضاءِ اِلٰهي ۽ ثواب جي لاءِ، اِحترامِ مسلم جي نيت سان دِلجوئي جي لاءِ وقت بوقت پنهنجن رشتيدارن جي دعوت ڪريون، انهن جي ڏک تڪليف ۾ شريڪ

ٿيون، انهن سان هميشہ تعلق قائم رکون، ۽ ڪڏهن ڪڏهن پاڙيسرين کي بہ دعوت ڏيڻ جو ذهن ٺاهيون، ڪو سوالي اچي تہ ان کي بہ پيار ۽ محبت سان ڪاڏو ڪارايون. جيئن تہ خاتونِ جنت رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا جي سيرت ۾ اها جهلڪ بہ نظر ايندي آهي تہ جيڪڏهن ڪيئي ڏينهن جي فاقن کان بعد گهر ۾ ڪاڏو اچي وڃي تہ پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا ان ڪاڏي ۾ پاڙيسرين کي بہ شامل ڪنديون هيون. اچو! پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا جي پاڙيسرين سان خير خواهي ڪرڻ، سندن جي ڪرامت جي ظاهر ٿيڻ تي مشتمل هڪ ٻيو واقعو ٻڌون ٿا، جيئن

## برڪت وارو ٿانو

هڪ ڀيري ڏڪار واري زماني ۾ رحمتِ عالَم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ بُک محسوس ڪئي تہ بنتِ رسول الله حضرتِ سيدَتُنا فاطمہ بَتُول رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا ٿانوَ ۾ هڪ ٻوٽي ۽ ٻہ مانيون اِيثارڪندي بارگاهِ رسالت ۾ موڪلي ڏنيون. حضور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هن تحفي سميت حضرت فاطمہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا ڏانهن تشريف وٺي آيا ۽ فرمايائون: اي منهنجي نياڻي! هيڏانهن اچ. حضرتِ سيدَه فاطمہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا جڏهن هن ٿانوَ کي کوليو تہ پاڻ هي ڏسي حيران ٿي ويون تہ اهو ٿانوَ مانين ۽ ٻوٽين سان ڀريل هو ۽ پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا سمجهي ويون تہ اهو ڪاڏو الله پاڪ جي طرفان نازل ٿيو آهي. حُضورِ اڪرم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پاڻ کان پڇا ڪيائون :

اَنّٰی لَكِ هٰذَا؟ يعني توهان لاءِ اهو سڀ ڪٿان آيو؟ تہ حضرتِ فاطمہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا عرض ڪيائون: هُوَ مِنْ عِنْدِ اللهِ اِنَّ اللهَ يَرْزُقُ مَنْ يَّشَآءُ بِغَيْرِ حِسَابٍ. يعني اهو الله وٽان آيو آهي، بيشڪ الله جنهن کي چاهي بي حساب ڏي. سرڪار صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: تمام ساراهہ الله پاڪ جي لاءِ جنهن توکي بني اسرائيل جي سردار (يعني حضرت مريم) جي مُشابہ ٺاهيو. پوءِ حُضورِ اقدس صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن حضرتِ علي، حضراتِ حسن ۽ حسين ۽ ٻين اهلِ بيت رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُم اَجْمَعِيْن کي گڏ ڪري سيني سان گڏ (ٿانوَ مان) ڪاڏو تَناوُل فرمايائون ۽ سڀ سير ٿي ويا، پوءِ بہ ڪاڏو ساڳي مقدار ۾ باقي هو ۽ ان کي حضرتِ سيدَتُنا بي بي فاطمہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا پنهنجن پاڙي وارن کي ڪارايو. (تَفْسِيرِ رُوْحُ الْبَيَان، پ٣، اٰلِ عِمْرٰن، تحت الأية٣٧، ج٢، ص ٢٩ )

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل واقعي مان جتي شهزاديِ ڪونين حضرتِ سيدَتُنا فاطمة الزهره رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْھَا جي عظيمُ الشّان ڪرامت ظاهر ٿي، اتي اهو به معلوم ٿيو ته پاڻ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْھَا پاڙيسرين جي تمام گهڻي خير خواهي ڪنديون هيون. پر اڄ اسان جي دلين مان پاڙي وارن جي خير خواهي جو جذبو ختم ٿيندو پيو وڃي، اسان پاڻ ته چڱو ڪائون پيئون ٿا، چڱو پايون ٿا پر افسوس اسان کي پاڙيسرين جي ڏک تڪليف، انهن جي حقن جي ادائيگي ۽ انهن جي بک ۽ اڃ جو ٿورڙو به احساس ناهي ٿيندو، جڏهن ته ڪوڙ حديث سڳورين ۾ پاڙيسرين جي حقن کي بيان ڪيو ويو آهي، جيئن ته

## پاڙيسري جا حق

حضرت سَيدُنامعاويه بن حيده رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہ ارشادفرمائن ٿا: مون بارگاهِ رسالت مآب صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ۾ عرض ڪيو: ياَرَسُولَ الله صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ انسان تي پاڙي واري جا ڪهڙا حق آهن؟ ته رسول اڪرم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايائون: جيڪڏهن هو بيمار ٿئي ته ان جي عيادت ڪيو، جيڪڏهن مري وڃي ته ان جي جنازي ۾ شرڪت ڪيو، جيڪڏهن قرض گهري ته ان کي قرض ڏيو ۽ جيڪڏهن هو عيب دار ٿي وڃي ته ان جي پرده پوشي ڪيو.

(المعجم الكبير ،۴۱۹/۱۹،حديث: ۱۰۱۴)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! تنهنڪري اسان کي به گهرجي ته پاڙي وارن سان حُسنِ سُلُوڪ سان پيش اچون، جيڪڏهن انهن کي ڪا مصيبت پهچي ته انهن کي تسلي ڏيندي صبر جي تلقين ڪيون، جڏهن ان کي ڪا خوشي حاصل ٿئي ته انهن کي مبارڪ باد ڏيون، پاڙيسري جي ٻارن ۽ ملازمن سان نرمي ۽ پيلائي سان گفتگو ڪندي حُسنِ اخلاق سان پيش اچون، پاڙيسرين جي غلطين تي انهن سان درگذر ڪيون، انهن جي گهر جي عورتن کي ڏسڻ کان پنهنجي نگاهن کي بچايون، اهي فرياد ڪن ته انهن جي مدد ڪيون.

نعمتِ اَخلاق کر دیجے عطا یہ کرم یا مصطفٰے فرمایئے

## خاتونِ جنت جي گھرو زندگي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سيده خاتونِ جنت،فاطمة الزهرا رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہَا جي شان ۽ عظمت جو هڪ پهلو هي به آهي ته پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہَا جي شان ۾ تسبيح فاطمه مقرر ڪئي وئي، ڇو ته پاڻ گھرو ڪم ڪار پاڻ پنهنجن هٿن سان ڪنديون هيون ۽ ان ڪم ۾ ايندڙ مشڪلاتن ۽ تڪليفن تي صبر به ڪنديون هيون، سڄي زندگي ڪنهن خادمه کي نه رکيو. جيئن

اميرالمؤمنين حضرتِ سيدُنا علي المرتضيٰ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ فرمائن ٿا: حضرتِ سيدتنا فاطمهرَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہَا مون وٽ پاڻ ئي جنڊ هلائيندڙيون هيون، جنهن جي سبب هٿن ۾ ڇالا پئجي ويندا ها، مشڪيزي ۾ پاڻي به پاڻ ئي ڀرينديون هيو جنهن سبب سندن سيني تي نشان پئجي ويا هئا. گھر جي صفائي وغيره به پاڻ ئي ڪنديون هيون جنهن سبب ڪپڙا غبار آلود ٿي ويندا ها ۽ ديڳڙي جي هيٺ باھ به پاڻ ٻارينديون هيون جنهن سبب ڪپڙا ميرا ٿي ويندا ها. ڪڏهن ڪڏهن اڪيلي گھر جا تمام ڪم ڪار ڪرڻ جي ڪري انهن کي ڪافي تڪليف کي منهن ڏيڻو پوندو هو. (مسند للامام احمد بن حنبل، مسندعلي بن ابي طالب،١ /٣٢٢، حديث:١٣١٢)

## تسبيح فاطمه جي فضيلت

اميرالمؤمنين حضرتِ سيدُنا علي المرتضيٰ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ فرمائن ٿا: هڪ ڀيري رحمت عالم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي بارگاھ ۾ غلام آيا، جڏهن اها خبر حضرتِ فاطمه رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہَا کي ملي ته پاڻرَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہَا بارگاھ رسالت ۾ خادمه (Maid servant) گھرڻ جي لاءِ حاضر ٿيون ته پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: ڇا مان توکي هن کان بهتر شيء نه ٻڌايان؟ فرمايائون: جڏهن سمهڻ جي لاءِ بستر تي وڃو ته 33 ڀيرا سُبۡحَانَ اللہ، 33 ڀيرا اَلۡحَمۡدُلِلّٰہ ۽ 34 ڀيرا اَللہُ اَکۡبَر پڙهي ونو. هي تنهنجي لاءِ خادمه کان بهتر آهي. (ڪتاب الدعاء للطبراني،باب القول عنداخذ المضاجع، حديث:٢٣١، ص٩۴)

مفتي احمديارخان نعيمي رحمة الله اشعار جي صورت ۾ ان واقعي کي هيئن بيان فرمايو آهي

آئیں جب خاتونِ جنّت اپنے گھر — پڑگئے سب کام ان کی ذات پر
کام سے کپڑے بھی کالے پڑ گئے — ہاتھ میں چکی سے چھالے پڑ گئے
دی خبر زہرا کو اَسَدُ اللہ نے — بانٹے ہیں قیدی رَسُوْلُ اللہ نے
ایک لونڈی بھی اگر ہم کو ملے — اس مصیبت سے تمہیں راحت ملے
سن کے زہرا آئیں صدیقہ کے گھر — تاکہ دیکھیں ہاتھ کے چھالے پدر
پر نہ تھے دولت کدہ میں شاہِ دیں — والدہ سے عرض کر کے آگئیں
گھر میں جب آئے حبیبِ کبریا — والدہ نے ماجرا سارا کہا
فاطمہ چھالے دکھانے آئی تھیں — گھر کی تکلیفیں سنانے آئیں تھیں
آپ کو گھر میں نہ پایا شاہِ دیں — مجھ سب دکھ درد اپنا کہہ گئیں
ایک خادم آپ اگر ان کو بھی دیں — چکی اور چولھے کے وہ دُکھ سے بچیں
سن لیا سب کچھ رسولِ پاک نے — کچھ نہ فرمایا شہِ لولاک نے
شب کو آئے مصطفٰے زہرہ کے گھر — اور کہا دُختر سے اے جانِ پدر
ہیں یہ خادم ان یتیموں کے لئے — باپ جن کے جنگ میں مارے گئے
تم پہ سایہ ہے رسول اللہ کا — آسرا رکھو فقط اللہ کا
ہم تمہیں تسبیح اک ایسی بتائیں — آپ جس سے خادموں کو بھول جائیں
اولاً سبحان ۳۴ بار ہو — پھر اَلْحَمْد اتنی ہی پڑھو
اور ۳۴ بار ہو تکبیر بھی — تاکہ ۱۰۰ ہو جائیں یہ مل کر سبھی
پڑھ لیا کرنا اسے ہر صبح و شام — ورد میں اسے رکھنا اسے اپنے مدام
خلد کی مختار راضی ہو گئیں — سُن کے یہ گفتار خوش ہو گئیں
سالک ان کی راہ جو کوئی چلے — دین و دنیا کی مصیبت سے بچے

(رسائل نعیمیہ، ص ۴۲،۴۳)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ڪتاب”شانِ خاتونِ جنت“ جو تعارف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حضرت سيدتنا فاطمةُ الزهرا رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا جي سيرتِ مطهره جي باري ۾ وڌيڪ معلومات حاصل ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي ڪتاب ”شانِ خاتون جنت“ جو ضرور مطالعو فرمايو، اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هن ڪتاب ۾ خاتونِ جنت جي شان ۽ عظمت، سندن ڪرامتون، عشقِ رسول، پردي سان محبت، سندن نڪاح ۽ ڏاج، ايثار ۽ سخاوت ۽ ٻيا بہ ايمان افروز مدني گل گڏ ڪيا ويا آهن. دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان هن ڪتاب کي رِيڊ (يعني پڙهي) بہ سگهجي ٿو، ڊاؤن لوڊ (Download) ۽ پرنٽ آؤٽ (Print Out) بہ ڪري سگهجي ٿو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مَجلِس مڪتبة المدينہ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! خاتونِ جنت جي شان ۽ عظمت کي وڌيڪ سمجهڻ ۽ سندن فيضان مان برڪتون ماڻڻ جي لاءِ دعوت ِاسلامي جي مدني ماحول سان هر دم وابستہ رهو.

اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي سڄي دُنيا ۾ ڪم وبيش 104 شُعبن ۾ نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائڻ ۾ مَصروف آهي، جن مان هڪ شعبو مجلس مڪتبة المدينہ بہ آهي. شيخ طريقت، اميرِ اهلسُنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيَه جن دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جو آغاز ١۴٠٦ھ بمطابق 1986ء ۾ فرمايو ۽ سڀ کان پهريان بيانن جون آڊيو ڪيسيٽون جاري ڪيون ويون. اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مڪتبة المدينہ ان مختصر عرصي ۾ جيڪا ترقي ڪئي اها پنهنجو مثال پاڻ آهي، هن مُختَصَر عرصي ۾ مڪتبة المدينہ تان جتي سُنّتن ڀريا بيان ۽ ميموري ڪارڊز سڄي دُنيا ۾ پهچي رهيا آهن، اتي سَرڪارِ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه، اميرِ اَهلسُنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيَه ۽ اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة جا ڪتاب بہ ڇپجي لکن جي تعداد ۾ عوام جي هٿن ۾ پهچي سُنتن جا گُل مهڪائي رهيا آهن.

اللہ کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں اے دعوتِ اسلامی تِری دُھوم مچی ہو!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان ڏٺو تہ

- سَيِّدَہ خاتونِ جنت رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا رات جو عبادت ۾ مصروف رهنديون هيون.
- سَيِّدَہ خاتونِ جنت رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا ڪم ڪار دوران بہ تلاوتِ قرآن ڪنديون هيون.
- سَيِّدَہ خاتونِ جنت رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا پنهنجو ڪم پنهنجي هٿن سان ڪنديون هيون.
- سَيِّدَہ خاتونِ جنت رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا شڪل ۽ صورت ۾ حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ سان ملنديون هيون.
- سَيِّدَہ خاتونِ جنت رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا سُنّتِ مصطفيٰ جو واضح نمونو هيون.
- سَيِّدَہ خاتونِ جنت رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا غريبن جي حاجت روائي ڪنديون هيون.
- سَيِّدَہ خاتونِ جنت رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا پاڙيسرين سان حُسنِ سُلُوڪ ڪنديون هيون.
- سَيِّدَہ خاتونِ جنت رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا صبر ۽ استقلال جو عملي نمونو هيون.

اللّٰہ ڪريم اسان ڪي بہ سَيِّدَہ خاتونِ جنت رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا جي نقشِ قدم تي هلندي نيڪ عمل ڪرڻ ۽ سُنّتِ مصطفيٰ اپنائڻ جي توفيق عطا فرمائي.
اٰمِين بِجاہ النَّبِي الْاَمِين صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## اعتڪاف جي ترغيب :

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ رَمَضانُ المُبارَڪ شروع ٿي چڪو آهي هن جي برڪتن جي چا ڳالهه ڪجي! هن مهيني ۾ عبادت ۽ تلاوت ۽ ذِڪر ودُرُود جي ڪثرت ڪري پنهنجي اعمال نامي ۾ گهڻيون نيڪيون لکائڻ جا موقعا وڌي ويندا آهن. جيئن تہ هن مهيني ۾ نيڪيون وڌائڻ پاڻ کي گناهن کان بچائڻ ۽ خوب خوب علم دين حاصل ڪرڻ جو هڪ بهترين ذريعو آخري عشري جو اعتڪاف بہ آهي ۽ اعتڪاف جي فضيلت جو اندازو هن حديث پاڪ مان لڳايو تہ امّ المومنين حضرت سيدتنا عائشہ صديقہ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَا کان روايت آهي تہ نبي ڪريم صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جوفرمانِ خوشبودار آهي:مَنِ اعْتَكَفَ اِيمانًا وَّاِحْتِسَابًا غُفِرَلَه مَاتَقَدَّمَ مِنْ ذَنْبِهٖ يعني جنهن شخص ايمان سان ثواب حاصل ڪرڻ جي نيت سان اعتِڪاف ڪيو، ان جا اڳوڻا سمورا گناهہ بخشيا ويندا." (جامع صغير ص۵۱۶الحديث۸۴۸۰)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان بہ همت ڪيو، جيڪڏهن والدين، اهل و عيال جي حق تلفي نہ ٿي ٿئي تہ پوري رمضان جي مهيني جو اعتڪاف ڪيو. ان ۾ هزارين اسلامي ڀائر مُعتَڪف ٿي پنج وقتہ نماز باجماعت اَدا ڪرڻ سان گڏوگڏ ٻي نفلي عبادات جي سعادت بہ حاصل ڪندا آهن، هن کان علاوه اعتڪاف ۾ وُضو، غسل ،نماز، روزي جا ۽ ٻيا شرعي مسئلا بہ سکاريا ويندا آهن مرحبا! شيخِ طريقت، اميرِاهلسُنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه جي طرف کان مدني مُذاڪرن جي صورت ۾ عصر جي نماز کان پوءِ ۽ تراويح کان پوءِ علم دين جا مدني گل ڏنا ويندا آهن، اللّٰه اللّٰه روزانو مناجاتِ افطار ۾ عاشقانِ رسول، عاشقانِ رمضان جي پر سوز دعائن ۾ شامل ٿيڻ جو موقعو بہ ملندو آهي، جيڪڏهن پورو ئي رمضان مسجد ۾ گزاريو تہ چا ئي ڳالهہ آهي، جيڪڏهن ايئن نہ ٿا ڪري سگهو تہ گهٽ ۾ گهٽ رمضان جي آخري ڏهي جي ترڪيب ٺاهيو.

رحمتِ حق سے دامن تم آکر بھرو
مَدَنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
سنّتیں سیکھنے کے لیے آؤ تم مَدَنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف

## سيّد سڳورن جي تعظيم بابت مدني گل

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بَيان کي اِختِتام ڏانهن آڻيندي اچو! سيد سڳورن جي تعظيم جي باري ۾ ڪجھ مدني گل ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪيون ٿا. پهريان 2 **فرمان مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ملاحظ ڪريو. (1) فرمايائون: جيڪو منهنجي اَهلِ بَيت مان ڪنهن سان بہ سٺو سُلوڪ ڪندو، مان قِيامت جي ڏينهن ان جو صِلو (بَدلو) ان کي عطا ڪندس. (جامع صغير، ص٥٣٣، حديث:٨٨٢١) (2) فرمايائون: جيڪو شخص اَولادِ عَبدُ المُطَّلِب مان ڪنهن سان دُنيا ۾ نيڪي (ڀلائي) ڪري ان جو صِلو ڏيڻ مون تي لازِم آهي جڏهن اهو قِيامت جي ڏينهن مون سان ملندو. (تاريخ بغداد،١٠/ ١٠٢،حديث:٥٢٢١) ❖ سيد سڳورن جي تعظيم فرض آهي ۽ اُنهن جي توهين حرام. (کفريه کلمات کے بارے میں سوال جواب ،ص٢٧٧) ❖ سيد سڳورن جي تعظيم ۽ تڪريم جو اَصل سبب هي آهي تہ هي حضرات رسُول ڪائنات صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي جسمِ اَطهر جو ٽڪر آهن. (سادات کرام کی عظمت، ص٧) ❖ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي تعظيم وتوقير مان هي بہ آهي تہ اهي تمام شيون جيڪي حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان نسبت رکن ٿيون انهن جي تعظيم ڪئي وڃي. ( اَلشِّفا، الباب الثالث في تعظيم امره،فصل ومن اِعظامهٖ...الخ،ص٥٢،الجزء ٢) (سادات کرام کی عظمت، ص٨) ❖ تعظيم جي لاءِ نہ يقين دَرڪار آهي ۽ نہ ئي ڪا خاص سند جي حاجت تنهنڪري جيڪي ماڻهو سيد سڏرائين ٿا انهن جي تعظيم ڪرڻ گهرجي. (سادات کرام کی عظمت ص١۴) ❖ جيڪو واقعي ۾ سيد نہ هجي ۽ ڄاڻي واڻي سيد بڻجندو هجي اهو ملعون (لعنت ڪيل) آهي، نہ ان جو فرض قبول ٿئي نہ نفل۔(سادات کرام کی عظمت، ص١۶) ❖ جيڪڏهن ڪو بد مذهب سيد هئڻ جي دعويٰ ڪري ۽ ان جي بد مذهبي حدِّ ڪفر تائين پهچي چڪي هجي تہ هرگز ان جي تعظيم نہ ڪئي وڃي. (سادات کرام کی عظمت، ص١٧) ❖ سيدن جي تعظيم حضور اقدس صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي تعظيم آهي. (فتاويٰ رضويه،٢٢/ ٤٢٣، ماخوذا) (سادات کرام کی عظمت، ص٨) ❖ استاد بہ سيد کي مارڻ کان پرهيز ڪري. (کفريه کلمات کے بارے میں سوال جواب،ص٢٨۴) ❖ سيد سڳورن کي اهڙي ڪم تي مُلازم رکي سگهجي ٿو جنهن ۾ ذِلَّت نہ هجي البت ذِلَّت وارن ڪمن ۾

انهن کي ملازم رکڻ جائز نہ آهي. (سادات کرام کی عظمت، ص۱۲) ❖ سيد جي بطورِ سيد يعني هو سيد آهي ان کري توهين ڪرڻ ڪفر آهي. (کفریہ کلمات کے بارے میں سوال جواب ص۲۷۶)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَ صَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.[2]

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا

1...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

2...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

ويندا آهن.[1]

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الهَادِی کن بُزرگن کان نقل کن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو ته حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَهِ ڪرام رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو ته اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي ته هيئن پڙهندو آهي.[3]

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[4]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1]...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

[2]...افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[3]...القول البديع، الباب الاول، ص125

[4] ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰہُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا ھُوَ اَھْلُہٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## (2) ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ الْحَلِیْمُ الْکَرِیْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰہِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِیْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰہ عَزَّ وَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

---

[1] … مجمع الزوائد،کتاب الادعیۃ،باب فی کیفیۃ الصلاۃ…الخ،254/10،حدیث:17305